SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر VIII مجریہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1980

سندھ اسپورٹس بورڈ آرڈیننس، 1980

THE SINDH SPORTS BOARD ORDINANCE, 1980

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)
دفعات (Sections)

باب ۔I
شروعات
Chapter_I
PRELIMINARY

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions

باب ۔II
بورڈ
Chapter_II
THE BOARD

3. بورڈ
Board

4. بورڈ جي بيهڪ

Composition of the Board

5. ميمبر جي برطرفي

Removal of a Member

6. بورڈ جا ڪم

Functions of the Board

7. بورڈ جا اختيار

Powers of the Board

8. بورڈ جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي

Executive authority of the Board

باب _III

ڪميٽيون ۽ ايسوسيئيشن

Chapter_III

COMMITTEES AND ASSOCIATION

9. ايگزيڪيوٽو ڪميٽي

Executive Committee

10. ڊويزنل ۽ ضلعي ڪميٽيون

Divisional and District Committees

11. ايسوسيئيشنس

Associations

12. ايسوسيئيشنز جي ڪمن جي نظرداري

Supervisions of the activities of the associations

باب _IV

فنڈ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Chapter_IV

FUND, ACCOUNTS AND AUDIT

13. بورڈ فنڈ

Board Fund

14. اڪائونٽس ۽ آڈٽ

Accounts and audit

باب _V

جنرل پرووِيزنس

Chapter_V

GENERAL PROVISIONS

15. حڪومت جا اختيار

Powers of Government

16. سيڪريٽري ۽ خزانچي جا اختيار

Powers of Secretary and Treasurer

17. قاعدا

Rules

18. ضابطا

Regulations

19. عدالتي ڪارروائي تي پابندي

Jurisdiction of courts barred

20. ضمانت

Indemnity

سنڌ آرڊيننس نمبر VIII مجريہ 1980

SINDH ORDINANCE NO.VIII OF 1980

سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڈيننس، 1980

THE SINDH SPORTS BOARD ORDINANCE, 1980

[4 جون 1980]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ۾ اسپورٽس بورڊ قائم ڪيو ويندو.

جيئن تہ سنڌ ۾ اسپورٽس بورڈ قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

تمهيد (Preamble)

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

باب I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ اسپورٽس بورڈ آرڊيننس، 1980 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

Definitions

(a) "ايسوسيئيشن" مطلب دفعہ 11 تحت رجسٹر ٿيل ڪنهن اسپورٽ يا راند جي صوبائي ايسوسيئيشن؛

(b) "بورڊ" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل سنڌ اسپورٽس بورڊ؛

(c) "باءِ لاز" مطلب ايسوسيئيشن جا باءِ لاز؛

(d) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(e) "ضلعي ڪميٽي" مطلب بورڊ جي ضلعي ڪميٽي؛

(f) "ڊويزنل ڪميٽي" مطلب بورڊ جي ڊويزنل ڪميٽي؛

(g) "ايگزيڪيوٽو ڪميٽي" مطلب بورڊ جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي؛

(h) "فنڊ" مطلب بورڊ جو فنڊ؛

(i) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(j) "گڏجاڻي" مطلب بورڊ جي گڏجاڻي؛

(k) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(l) "ضابطا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(m) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(n) "سيڪريٽري" مطلب بورڊ جو سيڪريٽري؛

(o) "خزانچي" مطلب بورڊ جو خزانچي.

باب _II

بورڈ

3. (1) جيترو جلد ٿي سگهي بورڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سنڌ اسپورٽس بورڊ سڏيو ويندو.

(2) بورڊ هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو ۽ ان کي هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب پنهنجي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ بورڊ

Board

رکڻ لاءِ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ۽ جاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) بورڊ جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا يا اهڙي ٻي جڳهه تي جيئن حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي طئي ڪري.

بورڊ جي ٻيهڪ
Composition of the Board

4. بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) سنڌ جو گورنر، يا ان جو نامزد ڪيل	چيئرمين
[1][(ii) تعليم ۽ راندين لاءِ وزير	وائيس چيئرمين
[2][(ii-a) سنڌ حڪومت جي ثقافت ڪاتي جو سيڪريٽري.]]	ميمبر
[3][(ii-b) سنڌ حڪومت جي هائوسنگ، ٽائون پلاننگ، رورل ڊولپمينٽ ۽ لوڪل گورنمينٽ ڪاتي جو سيڪريٽري.	ميمبر
(ii_c) ميئر، ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن	ميمبر
(ii_d) ميئر، حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن.]	ميمبر
(iii) ڊويزنس جا ڪمشنر	ميمبرز

[1] 1982 جي سنڌ آرڊيننس نمبر.XII طرفان تبديل ڪيل دفعه (ii)(1)(4) (17_03_1982)

[2] 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII موجب شامل ڪيل دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) جي شق (ii_a) (07_03_1994)

[3] 1984 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXX موجب شامل ڪيل دفعه 4 جي ذيلي دفعه (1) جي ذيلي شقن (ii_b) کان (ii_e) تائين (15_10_1984)

(iv) ڈائريڪٽر آف اسپورٽس سنڌ	ميمبر
(v) ڈائريڪٽرس آف اسڪول ايجوڪيشن، ڪراچي ۽ حيدرآباد	ميمبرز
(vi) ڈائريڪٽرس آف ڪاليج ايجوڪيشن، ڪراچي ۽ حيدرآباد	ميمبرز
(vii) ڈائريڪٽر آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن، سنڌ	ميمبر
(viii) ڏهه جاتل سجاتل ماڻهو جيڪي اسپورٽس ۾ راندين ۾ دلچسپي رکندا هجن اهي حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا.	ميمبرز
(ix) ايسوسيئيشنز جا چار نمائندا حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا	

[1][(2) ثقافت کاتي جو سيڪريٽري ۽ ڈائريڪٽر آف اسپورٽس ترتيبوار بورڈ جا سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري هوندا.]

[2][(2_A) گورنر نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن شخص کي سرڪاري يا غير سرڪاري ميمبر مقرر ڪري بورڈ جي بيهڪ ۾ ترميم ڪري سگهي ٿو.]

(3) آفيس جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري ميمبر آفيس ڇڏڻ تي ميمبر نه رهندو.

(4) هڪ غير سرڪاري ميمبر جيستائين اهو گورنر کي هڪ

[1] 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII طرفان تبديل ڪيل دفعه 4 جو ذيلي دفعه (2) (1994_03_07)

[2] 1984 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XXX موجب شامل ڪيل دفعه 4 جو ذيلي دفعه 2_A (1984_10_15)

لکت ۾ خط ذريعي استعيفيٰ نہ ڏئي يا ڪيس اڳواٽ هٽايو نہ وڃي، ٻن سالن جي عرصي لاءِ آفيس رکي سگھندو ۽ ٻيهر مقرري لاءِ اهل هوندو.

(5) جيڪڏهن هڪ غير سرڪاري ميمبر جي سيٽ ان جي مدي دوران خالي ٿئي، تہ اها آسامي ذيلي دفعہ (1) جي گنجائشن موجب پري ويندي ۽ مقرر ڪيل ميمبر رهيل مدي لاءِ آفيس رکي سگھندو.

(6) بورڊ يا ان جي ڪنهن بہ ڪميٽي جي ڪا بہ ڪارروائي بورڊ جي ڪميٽي ۾ آسامي جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندي، جيئن بہ معاملو هجي.

ميمبر جي برطرفي
Removal of a Member

5. حڪومت لکت ۾ حڪم ذريعي عير سرڪاري ميمبر کي برطرف ڪري سگھي ٿي، جيڪڏهن هو:

(a) هن آرڊيننس تحت پنهنجون ذميواريون نيائڻ کان انڪار ڪري ٿو يا ناڪام ٿئي ٿو يا ذميواريون نيائڻ جي اهل نٿو رهي؛

(b) حڪومت جي نظر ۾ هن پنهنجي ميمبر طور حيثيت کي خراب ڪيو آهي؛

(c) بورڊ جي لڳاتار ٽن ڪڏجاڻين مان غير حاضر رهيو آهي؛

(d) بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزايافتہ آهي.

بورڈ جا ڪم
Functions of the Board

6. بورڊ جا هيٺيان ڪم هوندا، يعني:

(i) صوبي ۾ اسپورٽس، راندين ۽ طبي تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۽ ان سلسلي ۾ عام حڪمت عملي جوڙڻ؛

(ii) عوام جي سمورن طبقن ۾ اسپورٽس ۽ راندين لاءِ پيار ۽ دلچسپي پيدا ڪرڻ؛

(iii) ايسوسيئيشنز جي جوڙجڪ ۽ بهتر نموني ڪم ڪار

کي هٿي وٺرائڻ؛

(iv) صوبي ۾ اسپورٽس ۽ راندين جي سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ، هٿي وٺرائڻ ۽ سنوت ۾ آڻڻ؛

(v) ايسوسيئيشنز [1](ضم ڪرڻ)؛

(vi) ڪنهن شخص، بادي يا تنظيم کان ڪا رقم، مالي گرانٽس، امداد ۽ چندو حاصل ڪرڻ؛

(vii) اسپورٽس ۽ راندين جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ايسوسيئيشنز کي گرانٽس ڏيڻ؛

(viii) اها پڪ ڪرڻ ته جنهن مقصد لاءِ گرانٽس ڏنيون ويون آهن، اهي ان ئي مقصد لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن؛

(ix) عام طور تي اهڙا سمورا قدم کڻڻ ۽ اهي شيون ڪرڻ جيڪي ضروري هجن ۽ ان جا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مددگار هجن.

بورڊ جا اختيار
Powers of the Board

7. هن آرڊيننس جي ٻين گنجائشن موجب، بورڊ کي سمورا اختيار حاصل هوندا:

(a) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب عام طور تي ٽيڪن ۾ حصو وٺڻ؛

(b) بورڊ جي خزانچي ۽ ٻين عملدارن ۽ ملازمن جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا مقرر ڪرڻ ۽ طئي ڪرڻ؛

(c) حڪومت جي منظوري لاءِ بورڊ جي بجيٽ جوڙڻ؛

(d) هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ايگزيڪيوٽو ڊويزنل ضلعي ۽ ٻيون ڪميٽيون جوڙڻ؛

(e) بورڊ جي ڪميٽيز، سيڪريٽري ۽ ٻين عملدارن ۽ ملازمن

[1] 1982 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I موجب تبديل ڪيل لفظ "رجسٽر" (1982_01_30)

ڏانهن اختيار منتقل ڪرڻ؛

(f) ڪنهن اسپورٽ يا راند ۾ دلچسپي رکندڙ ڪنهن شخص کي پاڻ سان گڏڻ، يا ڪنهن ايسوسيئيشن جي ڪنهن ميمبر جنهن جي مدد يا صلاح گهربل هجي ۽ شرطن ۽ ضابطن موجب بيان ڪئي وئي هجي؛ ۽

(g) حڪومت جي منظوري سان هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ.

بورڊ جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي

8. چيئرمين بورڊ جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي هوندو.

Executive authority of the Board

باب III_

ڪميٽيون ۽ ايسوسيئيشنز

ايگزيڪيوٽو ڪميٽي

Executive Committee

9. (1) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي وائيس چيئرمين، سيڪريٽري، خزانچي ۽ ٽن غير سرڪاري ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ايسوسيئيشن جو نمائندو هوندو.

(2) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي ڪندي:

(a) اها پڪ ڪرڻ تي هن آرڊيننس جون گنجائشون، قاعدا، ضابطا ۽ باءِ لاز سمورن لحاظ کان جوڙيل آهن؛

(b) ايسوسيئيشنز وچ ۾ تڪرارن جي حل لاءِ ڪوششون ونڊڻ؛

(c) ڊويزنل ڪميٽي يا ضلعي ڪميٽي جي حڪمن موجب اپيليٽ اٿارٽي طور قدم کڻڻ؛

(d) ايسوسيئيشن جي انتظامي ۽ مالياتي معاملن ۾ بدعنوانين جي شڪايتن جي جاچ ڪرڻ ۽ اهڙو قدم کڻڻ جيئن ضروري هجي.

ڊويزنل ۽ ضلعي

10. (1) ڊويزنل ڪميٽيون ۽ ضلعي ڪميٽيون اهڙن ماڻهن

تي مشتمل هوندیون، جیئن بورڈ مقرر ڪري.

ڪميٽيون
Divisional and District Committees

(2) بورڈ جي عام ضابطي ۾ نظرداري هيٺ ڊويزنل ڪميٽيون ۽ ضلعي ڪميٽيون انهن جي ترتيبوار دائره اختيار موجب ڪري سگهنديون:

(a) ڊويزنس ۽ ضلعي ۾ راندين ۽ اسپورٽس جي ترقي لاءِ قدم کڻڻ؛

(b) [1][جوڙڻ] ۽ ڊويزنل ۽ ضلعي سطح تي ايسوسيئيشنز جي سرگرمين جي نظرداري ڪرڻ؛

(c) ڊويزنل ۽ ضلعي سطح جي ايسوسيئيشن جي سلسلي ۾ دفعہ 16 تحت بورڈ جا سمورا اختيار هوندا؛

(d) اهڙا ٻيا ڪم ڪندیون جيئن انهن کي بورڈ يا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان سونپيا ويندا.

(3) ايگزيڪيوٽو ڪميٽي، ڊويزنل ڪميٽين ۽ ضلعي ڪميٽين جو ڪاروهنوار اهڙي طريقي هلايو ويندو ۽ گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ويندیون جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ايسوسيئيشنس
Associations

11. (1) ڪي به ست يا وڌيڪ ماڻهو ڪنهن مخصوص راند يا اسپورٽ لاءِ ايسوسيئيشن جوڙڻ لاءِ انهن جا نالا ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي ۾ ڏيندا ۽ ساڻئي جي نقل اهڙي في سان گڏ جيڪا بورڈ طرفان طئي ڪئي وڃي، سيڪريٽري ڏانهن اماڻيندا.

(2) ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي سان گڏ باءِ لاز جو نقل هوندو جنهن ۾ شامل هوندا:

---

[1] 1980 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I موجب تبديل ڪيل لفظ "رجسٽر" (1982_01_30)

(a) ايسوسيئيشن جو نالو؛

(b) ايسوسيئيشن جا مقصد؛

(c) ايسوسيئيشن جا عهدا رکندڙن جا نالا، پتا ۽ ڏنڏا؛

(d) وسيلا جن سان ايسوسيئيشن هلي رهي آهي.

(3) سيڪريٽري ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي ۽ ايسوسيئيشن جي باءِ لاز جي نقل جيڪا تصديق ٿيل ۽ بورڊ طرفان مهربند هوندي هڪ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جاري ڪندو.

(4) باءِ لاز ۾ ايسوسيئيشن جي جنرل باڊي طرفان ڪا به ترميم قابل قبول نه هوندي جيستائين اها سيڪريٽري کان منظور نه ڪرائي وڃي ان مقصد لاءِ ترميم جي هڪ نقل سيڪريٽري ڏانهن اماڻي ويندي.

(5) جيڪڏهن سيڪريٽري مطمئن آهي ته ترميم هن آرڊيننس جي ڪن گنجائشن يا قاعدن ۽ ضابطن يا ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي سان تڪرار ۾ نه آهي ته، هو ترميم کي منظور ڪري سگهي ٿو ۽ تصديق ٿيل نقل ايسوسيئيشن ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

ايسوسيئيشنز جي ڪمن جي نظرداري Supervisions of the activities of the associations

12. (1) جستائين ڪجهه به ايسوسيئيشن جي يادداشت نامي يا باءِ لاز جي متضاد نه هجي، جيڪڏهن اهڙي جاچ کانپوءِ جيئن ضروري هجي، بورڊ ان خيال جو آهي ته اهڙي ايسوسيئيشن جي مئنيجنگ باڊي:

(a) پنهنجون ذميواريون نيائڻ جي لائق ناهي يا لڳاتار ذميواريون نيائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي؛

(b) پنهنجا معاملا سنيالڻ جي لائق ناهي يا مالي مسئلن کي منهن ڏئي ٿي؛ يا

(c) ان جي انتظامي ۽ مالي معاملن ۾ بدعنوانين کي منهن ڏئي ٿي؛

(d) بورڊ يا ايگزيڪيوٽو ڪميٽي طرفان جاري ڪيل ڪنهن هدايت تي عمل ڪرڻ ۾ لڳاتار ناڪام ٿئي ٿي؛

(e) عام طور تي عوامي مفاد يا ايسوسيئيشن جي مفادن جي خلاف قدم کڻي ٿي.

بورڊ مئنيجنگ باڊي کي ختم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري سگھي ٿو جيڪو عرصو هڪ سال کان مٿي نہ هوندو جيئن اهڙي حڪم ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) مئنيجنگ باڊي کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ڪو بہ قدم هن دفعہ تحت نہ کنيو ويندو.

(3) جتي ايسوسيئيشن جي مئنيجنگ باڊي ختم ڪئي وئي آهي ايسوسيئيشن جي مئنيجمينٽ نئين مئينيجنگ باڊي جڙڻ تائين باءِ لاز موجب، اهڙي باڊي يا ايڊمنسٽريٽر طرفان ڪم جاري رکندي جيڪو بورڊ طرفان مقرر ڪيو وڃي.

(4) جتي ايسوسيئيشن جو ڪو ميمبر فنڈس ۾ گھوپين يا معاملن جي بدانتظامي ۾ ملوث ڏٺو وڃي، بورڊ اهڙي ميمبر تي وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تهت قدم کڻڻ کانسواءِ، اهڙي ايسوسيئيشن مان اهڙي ميمبر کي هٽائي سگھي ٿو ۽ ڪيس ميمبر ٽيڻ کان اهڙي عرصي لاءِ نااهل ڪري سگھي ٿو جيڪو اهو طئي ڪري.

باب _IV

فنڈ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ

بورڊ فنڈ
Board Fund

13. (1) هڪ فنڈ هوندو، جنهن کي سڏڻ اسپورٽس بورڊ فنڈ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت طرفان ڏنل گرانٽس؛

(b) ڪنهن شخص، اداري يا تنظيم طرفان ڏنل امداد؛

(c) بورڊ جي ڪنهن ملڪيت مان حاصل ٿيندڙ رقم يا فنڊ جي رقمن جي سيڙپ مان حاصل ٿيندڙ رقم؛

(d) بورڊ طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛ ۽

(e) بورڊ طرفان حاصل ٿيڻ لاءِ ٻيون سموريون رقمون.

(3) فنڊ ۾ رقمون اهڙيءَ ريت سيڙايون ويندیون ۽ اهڙي بئنڪ ۾ رکيون ويندیون جيئن بورڊ منظوري ڏئي.

(4) فنڊ راندين، اسپورٽس ۽ طبي تعليم جي همت افزائي ۽ واڌاري لاءِ استعمال ڪيا ويندا ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ جيڪي هن آرڊيننس جي مقصد حاصل ڪرڻ سان لاڳاپيل هجن.

(5) بورڊ هڪ حد مقرر ڪندو جنهن تائين سيڪريٽري کي فنڊ مان پئسا ڪڍڻ جو اختيار هوندو، اهو پنهنجي تحويل ۾ رکي سگهندو ۽ فنڈ خرچ ڪري سگهندو.

اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and audit

14. (1) فنڊ جا اڪائونٽس خزانچي طرفان اهڙي طريقي سنياليا ويندا جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) فنڊ جا اڪائونٽس هر مالي سال ۾ هڪ پيرو اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ، يا ان جي نامزد ڪيل ماڻهو طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(3) آڊٽ رپورٽ بورڊ کي اماڻي ويندي ۽ بورڊ جي راءِ سان حڪومت کي اماڻي ويندي، ۽ بورڊ حڪومت طرفان ڪنهن آڊٽ اعتراض جي درستگي جي هدايتن تي عمل ڪندو.

باب ـ V

جنرل پرووِيزنس

حڪومت جا اختيار
Powers of Government

15. حڪومت بورڊ کي اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي يا ان کان ڪو دستاويز، ريٽرن، استيٽمينٽ يا ڪا بي معلومات جيڪا ڪنهن معاملي سان جڙيل هجي جيڪا بورڊ جي هٿ هيٺ هجي طلب ڪري سگهي ٿي، ۽ بورڊ اهڙي هدايت يا درخواست تي عمل ڪندو.

سيڪريٽري ۽ خزانچي جا اختيار
Powers of Secretary and Treasurer

16. سيڪريٽري ۽ خزانچي اهڙا اختيار استعمال ڪندا ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندا جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

قاعدا
Rules

17. حڪومت هن آرڊيننس جي گنجائشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

18. (1) بورڊ، حڪومت جي منظوري سان بورڊ جا معاملا سنياليڻ ۽ هلائڻ ۽ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙا ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن آرڊيننس ۽ قاعدن سان تڪرار ۾ نه هجن.

(2) خاص طور تي جيڪڏهن اڳوڻن اختيارن جي تضاد ۾ ناهي تہ پوءِ ضابطا هنن ڳالهين لاءِ مهيا ڪيا ويندا:

(a) بورڊ جي گڏجاڻين جي آزادي ۽ اهڙين گڏجاڻين جي عمل جو طريقيڪار؛

(b) نوٽيس جنهن تي هڪ گڏجاڻين ڪوٺائي ويندي؛

(c) وقت ۽ جڳهہ جنهن تي بورڊ جي گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي؛

(d)طريقيڪار جنهن موجب منٽ هلايا ۽ تصديق ڪيا ويندا؛

(e) پرتي، آفيس جو مدو بورڊ طرفان مقرر ڪيل خزانچي ۽ ٻين عملدارن ۽ ملازن جي ملازمت جا شرطون ۽ ضابطا؛

(f) طريقيڪار جنهن ۾ ۽ وقت جنهن تي بجيٽ حڪومت ڏانهن منظوري لاءِ موڪلي ويندي؛

(g) يا ڪو ٻيو معاملو جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن مطابق هجي ۽ انهن ۾ بيان ڪيو وڃي.

عدالتي ڪارروائي تي پابندي
Jurisdiction of courts barred

19. ڪنهن بہ عدالت کي ڪا ڪارروائي غور هيٺ آڻڻ جو اختيار نہ هوندو يا هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪمن يا ڪنهن ڪم جي ارادي تي ڪارروائي جو اختيار نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

20. هن آرڊيننس تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي حڪومت، بورڊ يا ان جي ڪنهن ڪميٽي يا عملدارن ۽ ملازمن خلاف نہ ڪئي ويندي.

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.